1. آصف رضا
2. ذيشان احمد سومرو

# شاهه عبداللطيف ڀٽائي جون سورميون ۽ محترمه بينظير ڀٽوجي شخصيت: تحقيقي جائزو

# Characters of Shah Abul Latif Bhittai and the Personality of Benazir Bhutto: Research Analysis

***Abstract:***
*This article analyses the ideal characters of the shah Abdul Latif bhittai and the personality of Benazir Bhutto. The struggle and purity of Shah Latif's characters and the struggle and purity of Benazir Bhutto are very same. Specially the character of Shah Latif's poetry "Sassi" is very similar to the Benazir Bhutto with the context of struggle and sacrifices*

*Shah Abdul Latif discussed the folk Lori of "Sassi- Punhon" in which he discussed the difficulties and struggle of "Sassi" and appreciate her struggle and purity. This paper is a research work which studies the ideal characters of shah Abdul Latif's poetry and their comparison with Benazir Bhutto's life and struggle.*

***Key Words:*** *Ideal female characters of Shah Abdul Latif, Benazir Bhutto, Struggle, sacrifices.*

لوڪ ڪهاڻيون مختلف ٻولين جي لوڪ ادب جو سرمايو هونديون آهن. انهن ۾ نه صرف تاريخ پر معاشري جا اخلاقي قدر، تعليم ۽ تربيت سان گڏوگڏ جمالياتي ذوق جا رجحان پڻ نظر ايندا آهن. ملڪ پاڪستان جي سرزمين هر حوالي سان زرخيز آهي. هتان جو لوڪ ادب ۽ صوفي شاعرن جي شاعري پنهنجو مٽ پاڻ آهي. سنڌ جي عظيم شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو شمار به انهن شاعرن ۾ ٿيندو آهي جن پنهنجي شاعري ۾ نه صرف امن، محبت ۽ ڀائيچاري جو درس ڏنو پر ان سان گڏوگڏ فطري لقائن ۽ احساسن کي پڻ پنهنجي شاعري ۾ پيش ڪيو. شاهه سائين فطرت جو شاعر آهي سندس شاعري ۾ فطري احساسن،جذبن،زندگيءَ جي تجربن ۽ مشاهدن جو عڪس ملي ٿو. شاهه سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ براهه راست پنهنجي خيالن ۽ احساسن کي پيش ڪرڻ بجاءِ مختلف ڪردارن ذريعي نه صرف پنهنجي ڳالهه ڪئي آهي بلڪ ڪائنات جا اسرار، راز ۽ رمزون پڻ سمجهايون آهن.

---

1. پي ايچ ڊي اسڪالر، شعبو سياسيات، ڪراچي يونيورسٽي
2. ٽيچنگ اسسٽنٽ، شعبوتقابل اديان ۽ ثقافت اسلامي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو

"شاهه صاحب جا ڪردار ڪي خودساخته نه آهن، پر اُهي سنڌ جي گذشته دؤر جي تاريخ مان ڪنيل آهن. هر ڪردار ڪي وري اهليت (Merit) موجب بيان ڪيو اٿس."(١) اهڙي طرح هر ڪردار تي پنهنجي عمل ۽ تاريخي سڃاڻپ تحت پيش ڪري ٿو. "مطلب ته مارئي جي حب الوطني هجي، يا عمر سومري جي رعيت آزاري، سسئي جي ور لاءِ وفاداري هجي، يا آريءَ جي آڪه جي آڏو وڏائي، نوريءَ جو نياز هجي، يا ڄام تماچي جي رعيت پروري، مومل جو رنگ محل ۾ عياشن کي قتل ڪرڻ جو منصوبو هجي يا راڻي جي حرفت بازي، ليلان جو لوڀ هجي يا چنيسر جي شوخ طبع؛ راءِ ڏياچ جي سخا هجي يا انيراء جي سياسي چالبازي، ڪنهن کان به انڪار ڪرڻ ناممڪن آهي ۽ اهي ڪي افسانوي ڪهاڻين جا ڪردار نه آهن، بلڪ سنڌ جون ثقافتي، معاشرتي ۽ تاريخي حقيقتون آهن. جن جي سچي تصوير شاهه صاحب جي رسالي ۾ نظر ايندي."(٢)

شاهه سائين جي شاعريءَ جا مختلف رنگ آهن ڪٿي ماريءَ جي وطن پرستي،حب الوطني ۽ پنهوارن جي پچار جو منظر نظر اچي ٿو ته ڪٿي سسئي جي ڏکن،تڪليفن ۽ جدوجهد کي لطيف سائين پنهنجي شاعري جو موضوع بڻائيندي مجازي عشق ذريعي حقيقي عشق جا راز ۽ انداز سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. "شاهه جون سيئي سورميون پنهنجي سچ، سڪ ۽ پريت ۾ پختيون، همت پريون ۽ ارادن تي اٽل ٿيون ڏسجن. پٽ ڏٽيءَ جي ڏيه ۾ زال ذات جي آڇائي، پاڪائي ۽ سچائي لاءِ جيڪي پتا پار ملن ٿا اُهي نشان سندس شعري سورمين ۾ موجود آهن."(٣)

اها هڪ سوچڻ جي ڳالهه آهي ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سموري شاعري ۾ عورت جي ڪردار کي ئي منفرد حيثيت ڇو حاصل آهي؟ سندس شاعريءَ ۾ جرئت، دليري، وفا ۽ شجاعت جو مثال عورت جي حوالي سان ئي ڏنو ويو آهي. لطيف سرڪار ڪاٿي سهڻيءَ کي درياهه پار ڪرائي ٿو ته ڪاٿي مارئي کي قيد ۾ به مارن جي اُڪير ۽ مٽيءَ جي محبت جو ذڪر ڪري ٿو ته ڪاٿي سسئيءَ کي جهر جهنگ جبلن ۾ ڪشالا ڪندي ڏيکاري ٿو. سهڻي هجي، سسئي، سورٺ يا ڪٿي مارئي ئي ڇو نه هجي، انهن تمام ڪردارن ۾ مردن جي سماج ۾ بغاوت جي راهه تي هلندي غلاميءَ کان انڪار ۽ نجات جو عنصر سڀن ۾ ئي نظر اچي ٿو.

"هن جوءِ جون جوڏيون اعليٰ قدر يعني انصاف،تحمل،قرباني،پيار،عزت، عظمت،حب الوطني ۽ همت جو نمونو پيش ڪنديون رهيون آهن. سسئي پنهونءَ جي لوڪ ڪهاڻيءَ ۾ سسئي کي ريگستان ۽ بنجر پهاڙن ۾ پنهنجي محبوب پنهون کي تلاش ۾ فڪرمند ڏيکاريو ويو آهي،جنهن کي هن جي مغرور ڀائرن اغوا ڪيو هو.هن انتهائي ڏکي حالتن ۽ خطرن جو مقابلو ڪيو پر ان جدوجهد ۾ ڪڏهن هار نه مڃي. انهيءَ طرح لوڪ ڪهاڻي عمر مارئي جي جوڙي مارئي،جيڪا هڪ اهڙي ڇوڪري هئي جنهن جو انتهائي شريف گهراڻي سان تعلق هو.هوءَ طاقتور بادشاهه عمر جي قيد ۾ رهندي، ان جي برغلائڻ ۽ ڌمڪائڻ جي باوجود پنهنجي قوت ارادي ۽ يقين تي مبني ارادي تي قائم رهي.محترمه بينظير ڀٽو جي وطن جي تقريبن تمام

لوڪ ڪهاڻين ۾ عورت کي اعليٰ معاشرتي قدرن کي برقرار رکڻ لاءِ اڪثر ڪري انتهائي ڏکين حالتن ۽ ظلم کي منهن ڏيندو پيو."(۴)

"شاهه جي سورمين جي قسمت ۾ گهٽي پاڳي سُک لکيل ڪونهي. هو چڻ ته چايون ئي آهن ڏک ڏسڻ لاءِ. ڄمڻ سان ئي اهڙي ڪنهن گهاتو گره جي اثر هيٺ آيون ٿيون ڏسجن جو سندن نصيب ۾ آهي صرف پڇڻ ۽ پڇرڻ.

رڻان ته راند: ڪلان ته ڪامي هيون

سسئي ڪهڙي نه درديلي نوع ۾ جبل کي چوي ٿي:

ڏنگرا مون نه ڏکوءِ، آن اڳ ڏکوئي آهيان،

ساريان ڪونه سڪوءِ، سور گهڻيئي سنيران.

هيءَ هنڌ ساڳي سورمي ظاهر ڪري ٿي ته:

مٺ مٺ سورن سِپڪنهين، مون وٺ وٿاڻان.

مگر سورمين جي حياتين مان شاعر ظاهر ڪري ٿو ته ڏکن جو ڏگ ئي آهي جو انسان کي سکن جي ديس جو سير ٿو ڪرائي."(۵)

جيئن ته منهنجي هن تحقيق جو موضوع شاهه عبداللطيف ڀٽائي جون سورميون ۽ محترمه بينظير ڀٽو جي شخصيت جي حوالي سان آهي. جيڪڏهن شاهه سائين جي سورمين Ideal female characters جي تناظر ۾ محترمه بينظير ڀٽو جي شخصيت،جدوجهد ۽ سندس زندگيءَ جي مختلف پهلوئن (رخن) تي نظر وجهنداسين ۽ انهن جي ڀيٽ ڪنداسين ته محترمه بينظير ڀٽو جي ذات،شاهه سائين جي سورمين جي تمام وصفن (گڻن،خوبين) تي مڪمل طور پوري لهي ٿي.

منهنجي هن مقالي جو مقصد شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي عزت،عظمت ۽ جدوجهد جي حوالي سان سندس شخصيت ۾ سمايل ٻين انيڪ خوبين کي شاهه سائين جي سورمين ۾ موجود خوبين سان ڀيٽي اهو ثابت ڪريان ته جيڪڏهن شهيد محترمه بينظير ڀٽوشاهه سائين جي دور ۾ هجي ها يا وري شاهه سائين محترمه جي دور ۾ هجي ها ته يقيناً محترمه بينظير ڀٽوشاهه سائين جي ٻين سورمين جيان هڪ سورمي طور سامهون اچي ها ۽ سندس جدوجهد،قربانين،همت ۽ صبر و برداشت جي حوالي سان يقيناً "سُر بينظير" جي شڪل ۾ هڪ پورو داستان لکجي ها. ڇو ته محترمه بينظير ڀٽوشاهه سائين جي سورمين جيان عزم و همت،برداشت ۽ تحمل،مسلسل جدوجهد،قربانيون ڏيندي مختلف امتحانن ۽ آزمائشن مان گذرڻ باوجود پنهنجي مقصد کان پوئتي نه هٽي. هن هميشه پنهنجي نظر منزل تي رکي پنهنجن ارادن کي مضبوط ۽ دل کي صاف رکندي هر قسم جي سازش ۽ امتحان جو مقابلو ڪيو. اڳتي وڌڻ ۽ هر حال ۾ سفر جاري رکڻ شاهه سائين جي سورمين جي خوبي آهي ۽ اِها ئي خاصيت محترمه بينظير ڀٽو جي شخصيت ۾ پڻ سمايل هئي. "شهيد محترمه بينظير ڀٽو ملڪ جي هڪ اعليٰ شخصيت هئي. هوءَ هڪ بهادر ۽

سچي عورت هئي. هن پنهنجي سڄي زندگي پاڪستان جي غريب ماڻهن لاءِ صرف ڪئي."(٦)
"شهيد بينظير جو مشن برابري، جمهوريت، آزادي ۽ سچ هيو."(٧)

"محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جي خدادا ذهانت ۽ سياسي بصيرت جو سڄي دنيا اعتراف ڪيو آهي. هن پنهنجي اقتدار دوران ۽ اقتدار کان پوءِ ڪيترن ئي صعوبتن جو دليريءَ سان مقابو ڪيو. وزارت عظميٰ دوران مٿس ڪيترائي الزام هنيا ويا، پر وقت جون حڪومتون اهي ثابت ڪري نہ سگهيون. والد جي شهادت، ٻن ڀائرن جي شهادت، والده جي مسلسل بيماري، قيد ۽ نظربندي ۽ پنهنجي مڙس جي مختلف الزامن تحت مسلسل نظربندي ۽ گرفتاري وغيره، پر پوءِ بہ سنڌ جي هن نياڻيءَ حوصلو نہ هاريو ۽ پرڏيهہ ۾ رهي پنهنجي پارٽيءَ جي قيادت ڪئي."(٨) والد جي ڦاهيءَ کان پوءِ بہ سندس راهہ ۾ رستو اختيار ڪندي غير جمهوري قوتن سان مهاڏو اٽڪائيندي جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ ڪو سولو ڪم ڪونہ هو. ڪيترائي سياسي ميدان جا پهلوان آمريت جي عذابن ۽ سختين کان ڊڄي پوئتي هٽي راهہ مٽي ويا پر بينظير ڀٽو ثابت قدم رهي. هوءَ جديد دؤر جي سسئي ۽ مارئي هئي. هوءَ حقيقي طور شاهہ جي سورمي ۽ همت ۽ بهادريءَ جو نمونو هئي. هوءَ ڏاڍ ۽ جبر جي خلاف ڪنهن فولادي ڀت جيان بيٺي رهي ۽ هن ناممڪن کي ممڪن ڪري ڏيکاريو. جيئن سندس والد وصيت ڪندي چيو هُيس تہ "انسان ڏهہ لک ٽنن کان بہ سگهارو آهي، توکي انت تائين انسانيت جي ساک، پت، احترام ۽ برابريءَ لاءِ جدوجهد جاري رکڻ گهرجي، پيرين اُگهاڙي ماڻهن جي نقشِ قدم تي هلج، هڪ غريب ٻار جي وارن ۾ جيڪا جونءَ آهي، اها ئي تُنهنجو هٿيار آهي."(٩) هن انسانيت لاءِ سوچيو ۽ لوچيو پر هن جي محبتن جو مرڪز هميشہ پنهنجي مٽي ۽ هتان جا غريب عوام رهيا. سندس والد جي بہ اها ئي نصيحت هئي تہ "رڳو عوام تي ويساهہ ڪر. ان جي نجات ۽ مساوات لاءِ ڪم ڪر. الله جي جنت تُنهنجي ماءُ جي پيرن هيٺ آهي. سياست جي جنت عوام جي پيرن هيٺ آهي."(١٠)

عورت ازل کان وٺي شاعرن، مصورن، مجسمہ سازن ۽ اديبن جو موضوع رهي آهي. سياست جي جهنگ کي تسخير ڪرڻ ڪو آسان ڪم ڪونهي. ڪيترن ئي ڪشالن، قربانين، تڪليفن، آزمائشن ۽ مصيبتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ۽ اگر ڪا عورت هن ميدان ۾ پنهنجو پير پائي ٿي تہ پوءِ ڳجهون ان جو ماس پٽينديون رهن ٿيون. هن کي عورت هجڻ جو طعنو ۽ سزا پل پل ملندي رهي ٿي. ڇا پنهنجا ڇا پراوا سڀئي "صنف نازڪ" سان سفاڪيون روا رکندا رهن ٿا. شاهہ سائين بہ فرمايو آهي تہ:

وڏا وڻ وڻڪار جا جت نانگ سڄن نيلا
اتي عبداللطيف چئي ڪيا هيڪلن حيلا
جتي واهر نہ وسيلا اتي رهبر رسج راهہ ۾
(ڪلياڻ آڏواڻي، شاهہ جو رسالو، سر سسئي، داستان پيو، بيت ۵)

بينظير ڀٽو تمام مشڪلاتن کي منهن ڏئي پنهنجو مقصد ماڻيو. سُورِصدما ۽ سختيون سندس حوصلا ۽ همتون گهٽائي نہ سگهيون.والد سان ڪيل وچن سچي حياتي نڀائيندي بلآخر ٢٧ ڊسمبر ٢٠٠٧ع جي شام لياقت باغ ۾ سياسي جلسي کان پوءِ واپس ويندي قاتل ڦهريءَ جي شدت پسند ۽ ڪٺن ارادن جو نشانو بڻجي تاريخ جي صفحن تي امر ٿي وئي. پٽي جي نياڻي قتل ٿي وئي ۽ پنڊيءَ جي مٽي وري رت سان رنگ جي وئي.

ڪنڊا مون پيرن ۾ توڙي لک لڳن
آگر آگوڻي نہ مڙي چيچون پير چنن
چيچن مان چيھا ڪري ريلا رت وهن
ويندي ڏانهن پرينِ جُتي جاتِ نہ پائيان

(ڪلياڻ آڏواڻي شاهہ جو رسالو سر معذوري داستان ٽيون بيت ۴)

لطيف سائين جي هن بيت کي سامهون رکي محترمہ بينظير ڀٽو جي زندگيءَ کي پرکيون تہ اسان کي ايئن محسوس ٿيندو تہ اهو بيت ڄڻ ان جي منظرڪشي جڻ تہ محترمہ جي ذات کي سامهون رکي ڪئي وئي هجي. ڇو تہ محترمہ جڏهن پٽي صاحب جي ڦاهيءَ کان پوءِ سياست جي ميدان ۾ هيڪلي نڪتي تہ ڪيترن ئي نيلن نانگن زهريلي پروپگينڊا ڪئي. سندس لاءِ مشڪلاتون ۽ مصيبتون پيدا ڪيون ويون. ٻيو تہ ٺهيو پر هن جي عورت هجڻ جو فائدو وٺندي هن جي ڪردارڪشي ڪئي وئي ۽ هن لاءِ فتويٰ جاري ڪيا ويا.

هو چوڻئي تون مَ چئہ واتان ورائي
اڳ اڳرائي جو ڪري خطا سو کائي
پاند ۾ پائي ويو ڪيني وارو ڪينڪي

(علامہ آئي آئي قاضي شاهہ جو رسالو سر يمن ڪلياڻ داستان اٺون بيت ١٧)

شاهہ جي سورمي سسئي ۽ پٽي جي نياڻي بينظير ڀٽو جي حالات زندگي خاص ڪري ڏکن ۽ تڪليفن ۾ هڪجهڙائي نظر اچي ٿي. محترمہ جي ذات ۽ ڪردار مٿان سندس مخالفن نوان نوان تجربا ڪيا.

تتي ٿڌيءَ ڪاهہ ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهہ پير نہ لهين پنهونءَ جو.

(علامہ آئي آئي قاضي شاهہ جو رسالو سر معذوري داستان پنجون بيت٧)

"جيئن سسئي کي پنهونءَ جي عشق ۾ پهاڙ ڪنڊا ۽ ڪرڙ نظر نہ پئي آيا. تيئن بينظير ڀٽو جي عوام سان محبت آڏو ڪيس نہ تہ موت جو خطرو هو ۽ نہ ئي وري هن جيل جي سختين جي ڪا بہ پرواهہ ڪئي. هوءَ چوندي رهي تہ ڪيس قتل ڪيو ويندو پر ان باوجود عوام کان پري رهي نہ سگهي."(١١) "شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ اسان کي سسئي پنهون جي معاشقي سان گڏ سسئي جي وَرَ سان وفاداري، جيڪا سنڌي عورت جي فطرت آهي، ڏارين جي ڏاڍائي،

جا پڻ تاريخي حقيقت آهي ۽ ان دور جي ذات پات جي پيد ياءُ جو پتو ملي ٿو. جنهن ۾ سسئيءَ کي بلوچ انهيءَ ڪري ڇڏي ويا، جو هوءَ سندس ذات مان نہ هئي. شاهہ صاحب سسئي جي زباني اسان کي ٻڌائي ٿو.

نہ سمي، نہ سومري، نہ آئون جت، اوٺي،

آئون انهن جي آهيان، جي ٻانيڻ پڙهن پوٺي،

پرت ٿيندي‌س، پرين پچنديس، پچاڙينديس پوٺيا

بيت جي پهرين سٽ ۾ تہ سسئيءَ اهو واضح ڪيو تہ، نہ هوءَ سمي يا سومري آهي، پر ٻانيڻ جي اولاد آهي. مگر بيت جي آخري سٽ ۾ سسئي جي عزم ۽ غيرت جي خبر پوي ٿي. ڇاڪاڻ تہ هوءَ پوءِ بہ پرت ٿيڻ پوٺي پچاڙن کان عار نٿي ڪري. اها سسئيءَ جي پنهنجي والدين، جن کيس نپايو هو ان سان وفاداري هئي. ڏير کيس ذات پات جي ڪري ڇڏي ويا. تڏهن بہ کيس اهو ارادو هو تہ هوءَ اباڻن جي ڏنڌي کي نہ ڇڏيندي. انهيءَ بيت جي مضمون مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ سسئي کي اهو احساس هيو تہ هوءَ جتن جي ذات مان نہ هئي، جنهن ڪري کيس ساڻ وٺيون نہ ويا. اهوئي ذات پات جو فرق هو جنهن سسئي کي سندس ور کان جدا ڪيو."(١٢) ايئن ئي بينظير ڀٽو کي سندس ور کان جدا ڪرڻ لاءِ ڪئي ڪوششون ڪيون ويون. سندس جمهوري حڪومتن کي ختم ڪيو ويو. جنهن تي هن چيو هو تہ "مان پهريان ٻاهر جي دشمنن سان وڙهندي هُيس هاڻي اندر ۽ ٻاهر ٻنهين سان وڙهي رهي آهيان."(١٣)

محترمہ بينظير ڀٽو جي شخصيت ۾ قدرت اهڙو تہ سياءُ ڏنو هو جو اهو پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ:

"هتان حبيبن ڪونہ ڏکيو ڪو".

محترمہ بينظير ڀٽو غريب پرور،همدرد ۽ خدا ترس هئڻ سان گڏوگڏ هڪ حساس دل رکندڙ عورت هئي. ڀٽائي گهوٽ جي سٽ "منهن تنين مشعل" محترمہ جي شخصيت جي مڪمل عڪاس نظر اچي ٿي.

"ملڪ مڙيو ئي منصور،ڪُهي ڪُهندي ڪيترا"

محترمہ بينظير ڀٽو جي دل چيڪي مٽيءَ مان جڙهن تہ سندس جسم لوهہ سان جڙيل هو. محترمہ لاءِ"اياز صاحب چوندو هيو تہ سموري پارٽيءَ ۾ هوءَ اڪيلي مڙس ماڻهو آهي ۽ وڏيڪ لکيو تہ 'مارئي بنا ملير ڪهڙو آ' ۽ 'مارئي ٿيڻ لاءِ توکي کوهہ تان گهڻا گهڙا ڀرڻا پوندا!"(١۴)

"سندس هلت چلت ۾ ڪيڏي نہ فطري بهادري، معصوميت ۽ بي باڪي هئي ۽ ڪنهن سچائيءَ سان عشق هو. نہ تہ ڪير ٿو اهڙي اوڙاهہ ۾ پير وجهي سو بہ هڪ عورت ٿي، جتي نياڻي ست قرآن بہ ليکبي آهي تہ ڪارنهن جي الزام ۾ کهاڙيءَ جو بک بہ ٿيندي آهي. مارئي ۽ سهڻي بہ آهي تہ سسئي ۽ نوري بہ آهي بينظير صاحبہ سڄي پاڪستان جي عورتن جي سُڃاڻ ۽ اڳواڻ هئي. غريب ماڻهن جو وڏو ڏڍ هئي ۽ انتها پسند جنوني مذهبي دهشتگردن سان هن مهاڏو

اٽڪايو. هوءَ چادر ۾ رئي ۾ عورت دشمن انتها پسند قوتن سان هٺ جي اشاري ۾ گفتار جي للڪار سان وڙهي رهي هئي."(١٥)

جيل جي ڪوٺڙيءَ مان پنهنجي پياري ڌيءَ کي سمجهائيندي اهو ئي چيو هيو ته "تون سڀ کان قديم تهذيب جي وارث آهين! قديم تهذيب کي انتهائي ترقي ڪيل ۽ انتهائي طاقتور بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪر!"(١٦) "لطيف جي هيءَ سورمي ۽ موهن جي دڙي جي پنج هزار ساله تهذيب جي وارث ڪيترين ئي سازشين جو شڪار ٿي."(١٧) محترمه بينظير ڀٽو جي دل ۾ پنهنجي ملڪ ۽ مارن جي محبت جو نقشو نقش ٿيل هيو جيئن لطيف گهوٽ فرمايو آهي ته:

الست بربڪم، جڏهن ڪن پيوم

قالو بلا قلب سين، تڏهن تت چيوم

تنهين ويل ڪيوم وچن ويڙهيچن سين

(ڪلياڻ آڏواڻي شاهه جو رسالو سر مارئي داستان پهريون بيت ١)

عوام ته هن کي مارئي سان تشبيهه ڏيندي سندس لاءِ نعرو: "ماروي ملير جي بينظير بينظير" بلند ڪيو.

بينظير ڀٽو کي سندس والد به اها ئي نصيحت ڪندي چيو هيو ته "تون اُن وقت تائين وڏي نٿي ٿي سگهين، جيستائين تون زمين کي چمڻ لاءِ تيار ناهين يعني نوڙت جو ورتاءُ اختيار نٿي ڪرين.تون اُن وقت تائين زمين جو دفاع نٿي ڪري سگهين، جيستائين تون زمين جي واس کان واقف نه هجين."(١٨)

"ايءَ نه مارن ريت جيئن سيڻ مٽائين سون تان"

(ڪلياڻ آڏواڻي، شاهه جو رسالو سر مارئي، داستان ٽيون، بيت ٨)

"باوجود سَون ورهن گذرڻ جي به سنڌ جون نياڻيون "مارئي" جي فتح پنهنجي سَتَ ۽ سيل جي فتح سمجهنديون آهن. ان ڪري اهو قصو عوام جي دلين تي ايترو ته اثر انداز آهي جو ڄڻ تازو ٿي گذريو آهي. هن قصي جي ڪردارن جي شڪست ۽ فتح جا نشان اڄ تائين وقت جون ويرون مٽائي نه سگهيون آهن" (١٩). "هوءَ ماروي بڻجي پنهنجي وطن جي جدائي ۾ جلندي رهي. پنهنجي وطن جي مٽيءَ جي خوشبو لاءِ سڪندي رهي."(٢٠)

"دنيا جي وڏين وڏين يونيورسٽين، ادارن ۾ عالمي سياست ۽ بين سياسي، سماجي ۽ معاشي موضوعن تي سحرانگيز ليڪچر ڏيڻ جي باوجود، سنڌ جي جديد مارئيءَ "بينظير ڀٽو" وٽ حبُ الواطنيءَ جو اهو ساڳيو ئي آفاقي ۽ الهامي تصور هيو، جيڪو ڀٽائيءَ جي مارئي جو آهي. تڏهن ئي ته هن جلاوطنيءَ جي زندگيءَ کي هميشه جي لاءِ الوداع چئي اُڃ، رُڃ، ڀٽن، ڪٽن، لوئين، گگرن، گولاڙن، کارن، کبڙن، ڏٽ ۽ ساڳ تي ساهه ڏيندڙ ماروئڙن سان گڏ جيئڻ ۽ مرڻ جو پنهنجو پاڻ سان وچن ڪيو هو. شهيد جمهوريت، پنهنجي ديس، پنهنجي وطن جي ڏُتڙيل ۽ محڪوم بڻايل ماروئڙن، سانگيئڙن، جي حق خودارادیت جي مڪمل ۽ آزاديءَ حاصلات لاءِ پنهنجي وطن پهچي ڪروڙن معصوم عوام جا حق ڦٻائيندڙن کي وڏي واڪي للڪاريو."(٢١)

هوءِ پنهنجي سياسي زندگيءَ جي شروعات کان وٺي دم ڏيڻ حوالي ڪرڻ تائين پنهنجي والد جي نظريي ۽ ڏسيل واٽ تي هلندي رهي. سندس زندگيءَ ۾ وڏا لاها چاڙها آيا مگر وقت ۽ حالات جون مشڪلاتون ۽ مجبوريون هن جي حوصلي ۽ عزم کي ٽوڙي نہ سگهيون. محترمہ سچي حياتي ڏکن ۽ سورن جي هوندي بہ پوري ديانتداري ۽ سچائيءَ سان والد جي نظريي،فڪر ۽ ان جي سياسي جماعت سان وابستہ رهي.سندس اها ئي خوبي ۽ خاصيت ملڪ ۽ ملڪ جي غريب عوام سان محبت ۽ "ڪمٽمينٽ" هميشہ هن جي زندگيءَ جو محور رهي.

لطيف سائينءَ فرمايو آهي تہ:

"جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن"

(علامہ آءِ آءِ قاضي شاهہ جو رسالو سر سريراڳ داستان پنجون بيت ۴)

يعني جنهن جو جيڪو ڪم هوندو آهي اهو ماڻهو اهو ئي ڪم ڪندو آهي.جڏهن محترمہ کان سندس ابتدائي سياسي زندگيءَ دوران اهو سوال ڪيو ويو تہ "اڪثر عورتن کي پنهنجي گهر، شادي ۽ ٻارن جي ڳڻتي هوندي آهي.پوءِ توهان ڇو سياست جو خفو پاليو آهي؟ تڏهن مسڪرائي بينظير جواب ڏنو پاڪستان ئي تہ گهر آهي منهنجو! مان سڀ ڪجهه هن ملڪ لاءِ ڪرڻ گهران ٿي."(٢٢) شاهہ سائين جي شاعريءَ ۾ عام ماڻهن جي زندگيءَ جو تذڪرو ملي ٿو ۽ لطيف سائين کي واڍن،رازن،هارين،ڪرارن ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ عام ماڻهن جي ڳالهہ ڪندڙ شاعر سڏيو وڃي ٿو. بينظير صاحبہ انهن ئي ڪردارن جي زنگيءَ ۾ سک سهنج لاءِ ڪوششون ورتيون.

هن ايئن بہ چيو هو تہ "رياست کي شهرين جو پيءُ نہ پر ماءُ هجڻ گهرجي."(٢٣) محترمہ بينظير ڀٽو جو تعلق اهڙي قبيلي سان هيو جنهن سماج کي صرف ڏنو ۽ سماج جي سڌاري لاءِ هميشہ ڪم ڪيو مگر موٽ ۾ سماج کان ڪجهه بہ نہ گهريو ڪا بہ اميد نہ رکي ۽ ڪا بہ شڪايت نہ ڪئي.ڀٽائي فرمايو آهي تہ:

نہ ڪي ڪٽن پاڻ سين، نہ ڪو ساٽن پاڻ،

اهڙا جن اهڃاڻ،آئون نہ جيئندي ان ري.

(غلام محمد شاهواڻي شاهہ جو رسالو سر رامڪلي داستان پهريون بيت ٣١)

بينظير ڀٽو فقط ڪنهن شخصيت جو نہ پر هڪ دور جو نالو آهي.سماجي روين سان وڙهڻ جي ڪهاڻي آهي، پيءُ سان ڪيل وچن کان پنتي نہ هٽڻ جو مثالي نمونو آهي،مسلسل جدوجهد ۽ قربانين جي تاريخ آهي.پاڻ زخم زخم هوندي بہ ٻين لاءِ ملم بڻجڻ ۽ سڀ هارائي بہ ڳاٽ اونچو رکندي عظيم منزل ۽ مرتبو ماڻڻ جو ناءُ بينظير آهي.جيڪو دنيا ۾ ڪنهن ڪنهن کي ئي نصيب ٿيندو آهي. "شهيد بينظير ڀٽو جا اهي سڀ ڏک، غم، جدايون، شهادتون، رساما ۽ پرچاءُ سندس روح ۾ وينل هئا. آصف زرداري بلڪل درست چيو آهي تہ مُنهنجي راڻي زندگيءَ ۾ ڪا بہ خوشي نہ ڏٺي."(٢٤) ڀٽائي گهوٽ فرمايو آهي تہ:

"چريو چٽ جن جو ڏونگر سي ڏوريندين"

۽ وري ايئن به فرمايو اٿس ته:

"الله ڏاهي مَ ٿيان ڏاهيون ڏک ڏسن"

لطيف سائينءَ جون اهي بئي سٽون محترمه بينظير ڀٽو جي سڄي ڄمار جو خلاصو آهن. هن والد سان ڪيل وچن نڀائڻ لاءِ ڏونگر به ڏوريا ۽ ڏاهي هجڻ جي ڪري ڏک پي ڏاڍا ڏٺا.

بينظير ڀٽو جهڙا ڪردار ڪنهن به قوم لاءِ فخر جو باعث هوندا آهن. اهڙا عظيم انسان صدين بعد پيدا ٿيندا آهن ۽ پوءِ ايندڙ صدين تائين ياد رکيا ويندا آهن.

## حوالا:


1. عبدالجبار جوڻيجو،ڊاڪٽر. شاه جي رسالي جو مطالعو مهراڻ اڪيڊمي، سيپٽمبر ۲۰۰۵ع، ص ۶۳
2. شاهنواز سوڍر،ڊاڪٽر. سنڌي ثقافت ۽ شاه لطيف. آزاد ڪميونيڪيشن ڪراچي، آگسٽ ۱۹۹۱ع، ص ۱۸۴
3. صديقي،مستفيض احمد(مرتب:ڪريم بخش خالد). شاه نامو انٽرنيشنل پريس آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي، ۱۹۸۰ع، ص ۴۱
4. بلوچ،محمد تقي، هڪ دور هڪ شخصيت شهيد راڻي محترم بينظير ڀٽو نويد بڪ ڊپو جيلاني مارڪيٽ حيدرآباد، ص ۲
5. نارائڻداس ڀمڀاڻي،پروفيسر. شاه جون سورميون. سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، آڪٽوبر ۱۹۸۳ع، ص ۳۰
6. اعجاز احمد قريشي،پروفيسر. شهيد محترمه بينظير ڀٽو جا تاريخي انٽرويوز. پيڪاڪ پرنٽرز ڪراچي، مئي ۲۰۱۲، ص ۱۰
7. هاليپوٽو،ذوالفقار. اي سنڌ چائي، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد. ۲۰۰۸، ص ۲۴
8. آسواڻي،ڪشور ڪمار. شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو ماءُ جي هنج کان مٽيءَ جي هنج تائين. پارس پبليڪيشن ڪراچي، ص ۱۴
9. آسواڻي،ڪشور ڪمار. شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو ماءُ جي هنج کان مٽيءَ جي هنج تائين. پارس پبليڪيشن ڪراچي، ص ۲۱
10. آسواڻي،ڪشور ڪمار. شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو ماءُ جي هنج کان مٽيءَ جي هنج تائين. پارس پبليڪيشن ڪراچي، ص ۱۹
11. هاليپوٽو،ذوالفقار. اي سنڌ چائي، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد. فيبروري ۲۰۰۸، شاهنواز سوڍر،ڊاڪٽر. سنڌي ثقافت ۽ شاه لطيف. آزاد ڪميونيڪيشن ڪراچي، آگسٽ ۱۹۹۱ع. ص ۲۰،۲۱
12. سوڍر، شاهنواز. ڊاڪٽر.سنڌيثقافت ۽ شاهلطيف،آزادڪميونيڪيشنڪراچي،آگسٽ۱۹۹۱ع، ص ۱۸۶-۱۸۷
13. شاهد مختار،ڊاڪٽر. قائداعظم سي آصف علي زرداري تڪ. ،شاهد پبليڪيشنز لاهور. ص ۳۸۶
14. آصف،قاضي، شهيد راڻي تنهنجي عظمت کي سلام. عربيه پبليڪيشن ڪراچي، ۲۰۰۸ع، ص ۱۳۲
15. آصف،قاضي، شهيد راڻي تنهنجي عظمت کي سلام. عربيه پبليڪيشن ڪراچي، ۲۰۰۸ع، ص ۱۳۲،۱۳۳

16. آسواڻي،ڪشور ڪمار، شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو ماءُ جي هنج کان مٽيءَ جي هنج تائين، پارس پبليڪيشن ڪراچي، ص ١٨
17. عثمان،سرمد، مارئي ملير جي بينظير، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، ٢٠٠٨، ص ١٥٢
18. آسواڻي،ڪشور ڪمار، شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو ماءُ جي هنج کان مٽيءَ جي هنج تائين، پارس پبليڪيشن ڪراچي، ص ١٩
19. شاهنواز سوڍر،ڊاڪٽر، سنڌي ثقافت ۽ شاهہ لطيف، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز حيدرآباد، ١٩٩١ء، ص ٢١٠
20. هاليپوٽو ذوالفقار، اي سنڌ ڄائي، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، فيبروري ٢٠٠٨ء، ص ٩٠
21. عثمان،سرمد، مارئي ملير جي بينظير، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، ٢٠٠٨، ص ٨٣
22. آصف،قاضي، شهيد راڻي تنهنجي عظمت کي سلام، عربيہ پبليڪيشن ڪراچي، ٢٠٠٨ء، ص ٣٠
23. اعجازاحمدقريشي،پروفيسر،شهيدمحترمہبينظيرڀٽوجاتاريخيانٽرويوز،پيڪاڪپرنٽرزڪراچي،مئي ٢٠١٢، ص١٢١
24. هاليپوٽو ذوالفقار، اي سنڌ ڄائي، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، فيبروري ٢٠٠٨ء، ص ١٢٤